# سنڌ ايڪٽ نمبر LIV مجريه 2013
# SINDH ACT NO.LIV OF 2013
# لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE LYARI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي تجديد
Revival of Sindh Act No. X of 1994

3. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No. X. of 1994

4. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No. X. 1994

5. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No. X of 1994

.8. 1996 جي دفعه 27جي ترميم.
Amendment of section 27 of 1996.

9. محفوظ بنائڻ
Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر LIV مجريه 2013
# SINDH ACT NO.LIV OF 2013
# لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE LYARI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[19نومبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون جي تجديد ۽ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته هائوسنگ انڊسٽريءَ کي هٿي ۽ ترقي وڌائي ۽ صوبي جي عوام کي اجهو مهيا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته لياري ڊولپمنٽ ايڪٽ، 1993 جي هن هيٺ ڄاڻايل نموني سان تجديد ۽ ترميم ڪئي وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم)، ايڪٽ، 2013 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعه 2 جي ترميم
Revival of Sindh Act No. X of 1994

2. لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي، ايڪٽ 1993، 2002 جي جولاءِ جي پهرين ڏينهن کان اهڙي ريت تجديد ٿيل سمجهيو ويندو جيئن اهو ڪڏهن به متاثر ۽ ورجايو نه ويو آهي ۽ هن کان پوءِ انهيءَ کي ساڳيو ايڪٽ چيو ويندو.

| | |
|---|---|
| 3. ايڪٽ جي دفعہ 2 جي شق(f)کان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي. | 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم. Amendment of Section 2 of Sindh Act No.X.of 1994 |

”(ff) ”ڪنساليڊيشن آف لينڊ“ جو مطلب آهي تہ اسڪيم جي مقصدن لاءِ اسڪيم جي پلاٽن کي متاستا يا ٻئي ڪنهن طريقي سان مطابقت ۾ آڻڻ.

| | |
|---|---|
| 4.دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺينءَ ريت نعم البدل ڏيندو: | 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 4 جي ترميم Amendment of Section 4 of Sindh Act No.X.1994 |

”(1) اٿارٽي جي جوڙجڪ: اٿارٽي مشتمل هوندي:

(a) لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ، سنڌ جو وزير. — چيئرمين

(b) سرڪار طرف نامذ ٿيل صوبائي اسيمبليءَ جو هڪ مقامي ميمبر. — ميمبر

(c) لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمنٽ هائوسنگ، سنڌ جو سيڪريٽري. — ميمبر

(d) ڪراچي جو ڪمشنر — ميمبر

(e) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جو مئينجنگ ڊائريڪٽر — ميمبر

(f) لياري ڊولپمنٽ اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل. — ميمبر / سيڪريٽري

(g) سرڪارطرفان نامزد ٿيل بہ ماڻهو هڪ ٽيڪنو ڪريٽ ۽ هڪ سول سوسائٽي. — ميمبر

| | |
|---|---|
| 5. هن ايڪٽ جي دفعہ 8، جي ذيلي دفعہ (I)جي شق (iii) کان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي: | 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 8 جي ترميم Amendment of of Sindh 8 Section |

“(ii_a) ڪنهن زمين کي اهڙي ريت مربوط ڪرڻ جيئن

قائدن ۾ بيان ڪيو ويو هو”.

Act No. X. 1994.

1996 جي دفعہ 27جي ترميم.
Amendment of section 27 of 1996.

6. دفعہ 28، جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن “حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 تحت زمين حاصل ڪرڻ وارين لاڳا پيل گنجاشن جي سهمت ۾” بدران لفظ “اٿارٽي طرفان” نعم البدل بڻايا ويندا.

محفوظ بنائڻ
Saving.

7. 2002 جي جولاءِ جي پهرين تاريخ ۽ هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ(ٻنهي ڏينهن سميت) ڪيل سمورا حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل ، ورتل قدم پر اهي ڪنهن ڪورٽ جي حڪم خلاف نہ آهن تہ پوءِ سمجهيو ويندو تہ اهي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 مطابق درست قدم کنيا ورتا ۽ ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ يا فورم تي ڪنهن بہ بنياد تي سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ : ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**